


# سکر

## تاريخ ۽ سماج

سکر نيشنل سيمينار 2001ع جي موقعي تي ٿيل مطالعو

ڊاڪٽر ڪليم لاشاري

Sukkur Historical Society

# سکر

## تاريخ ۽ سماج

ڊاڪٽر ڪليم لاشاري

Sukkur Historical Society

Published on the Occasion of
SUKKUR THROUGH CENTURIES
NATIONAL SEMINAR-2001

حق ۽ واسطا محفوظ
ڪتاب جو نالو: سکر- تاريخ ۽ سماج
ليکڪ: ڊاڪٽر ڪليم لاشاري
ڇاپو پهريون: مئي ٢٠٠١ع
ڇپيندڙ: پوپٽ پريس خيرپور
ٽائيٽل: سنڌيڪا اڪيڊمي
ڇپائيندڙ: سکر هسٽاريڪل سوسائٽي، سکر
اهتمام: ڊاڪٽر ڪليم لاشاري

قيمت: =/250 رپيا

ملڻ جا هنڌ
سنڌيڪا زونل آفيس
١٩ - بلديه پلازا گهنٽا گهر چوڪ سکر
ڪاٺياواڙ اسٽور اردو بازار ڪراچي
سنڌ بوڪ ڪلب گاڏي کاتو حيدراباد
رابيل بوڪ شاپ المنظر لاڙڪاڻو

# فهرست

## سنڌي ٻاڳو

### تاريخ


| | | |
|---|---|---|
| مير ابوالقاسم نمڪين سنڌ جي تاريخ جو غير معمولي ڪردار | ڊاڪٽر غلام محمد لاکو | 11 |
| سکر تي هڪ نظر | شوڪت خواجائي | 24 |
| محمد عوفي جي مشهور ڪتاب جوامع الحڪايات والوامع الروايت تي هڪ نظر | خورشيد نصير سومرو | 33 |
| ڪرڙي جي جنگ جو هڪ ناياب ماخذ شاهنام عالم يعني وقائع جنگ ڪرڙي | محمد پنهل ڏهر | 40 |
| سکر ۽ بکر جو خطو ۽ اسلامي فتوحات | مولانا عبدالوهاب چاچڙ | 54 |
| بکر جو تاريخي پس منظر | الحاج ڊاڪٽر عبدالخالق راز | 60 |
| سنڌ جو قديم تاريخي اهڃاڻ | ڊاڪٽر بشير احمد شاد | 78 |
| سکر جي معنيٰ ۽ سندس قدامت جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو | نذير احمد شاڪر بروهي | 83 |
| مسجد منزل گاهه سکر | محمد مراد هاليجوي | 121 |
| منزل گاهه هلچل جا ڳجها پهلو | مينهون خان سوز بلوچ | 130 |
| مير معصوم بکري جو هڪ يادگار ڪتبو | ارشاد ڪاغذي | 161 |
| سکر جي صحافت جي تاريخ | ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو | 176 |


### ادب


| | | |
|---|---|---|
| سنڌي ٻوليءَ جو سکر-روهڙيءَ جو لهجو | ڊاڪٽر هدايت پريم | 226 |
| تذڪره شعراءِ سکر جو خصوصي مطالعو | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 236 |
| رشيد ڀٽيءَ جون ڪهاڻيون فڪر جي آئيني ۾ | ڊاڪٽر تهمينه مفتي | 244 |

| | | |
|---|---|---|
| ريجهو مل | محمد علي مانجهي | 256 |
| روهڙيءَ جون علمي ادبي شخصيتون | پروفيسر شمس الدين ڪلوڙ | 266 |

## مشاهير/ شخصيات

| | | |
|---|---|---|
| حضرت خيرالدين شاهه جيلاني | مولانا عبداللطيف سڪندري | 297 |
| گولي شاهه جو گل- غلام مرتضيٰ شاهه | ڊاڪٽر نواز علي شوق | 303 |
| سکر ضلعي جا انڌا عالم ۽ فاضل | پروفيسر ڊاڪٽر عبدالوحيد انڍڙ | 312 |
| سکر ضلعي جا عالم ۽ الله وارا | حافظ ارشد انڍڙ | 329 |
| سکر جائي- مسرت مرزا | تنوير جوڻيجو | 350 |

## متفرقه

| | | |
|---|---|---|
| سکر جون ميڙيون | منظور ڪوهيار | 357 |
| لائيڊ بئراج سکر | سيد امام المتقين راشدي | 373 |
| گهوٽڪي جي قديم تاريخي جامع مسجد | ڊاڪٽر حافظ صبغت الله انڍڙ | 395 |
| سکر بئراج اسڪيم ۽ سنڌ جو روشن مستقبل | آزاد قاضي | 401 |

## حصہ اردو

| | | |
|---|---|---|
| ارور (الور) کی فتح | ڈاکٹر نگار سجاد ظہیر | 413 |
| کلہوڑا خاندان اور ڈیرہ غازی خان | جاوید احسن خان | 430 |
| تحفۃ الکرام، سکھر کی تاریخ کا ایک اہم ماخذ | سلمی لطیف | 441 |
| شاہ جہانگیر ہاشمی کرمانی بکھری | انجم حمید | 448 |
| الجامع الجوامع، مضافات سکھر میں تالیف شدہ ایک نادر و نایاب لغت | ڈاکٹر سید خضر نوشاہی | 457 |
| حضرت حافظ الملت حافظ محمد صدیق | ڈاکٹر انعام الحق کوثر | 474 |
| راشدی خاندان اور پیرانِ پاگارہ کے جدامد | مفتی محمد رحیم سکندری | 481 |
| سکھر کی ایک تاریخی مسجد کے بانی | ڈاکٹر عارف نوشاہی | 500 |
| قیام پاکستان سے قبل تجارتی و تعلیمی حالات سکھر | محمد یوسف خشک | 510 |
| سکھر کے مشہور اخبار نویس | رفیعہ تاج | 528 |

# پيش لفظ

زندگي ڪي نعمت بہ سڏيو ويو آهي تہ انعام بہ. اها موقعو بہ آهي ۽ محل بہ. هڪ اهڙي شيءِ جنهن جو ڪو مفصل احوال ٿي سگهيو آهي نہ ئي ڪا تڪڙي سمجهاڻي ممڪن آهي.

زندگي متعلق گهڻا رايا ٿي سگهن ٿا ۽ هجڻ گهرجن، پر هڪ ڳالهہ بهرحال سڀني کي معلوم آهي تہ ان کي گذارڻو پوي ٿو. ان زندگي گهارڻ لاءِ دنيا وارن ڪيئي ڏانو بہ ڏسيا آهن. ڪيترا هنر بہ لڌا، وديا ۽ عروج تي پهتا آهن. گهڻائي شوق ۽ مشغلا مقبول ٿيا پر هڪ ڳالهہ اهڙي آهي جا جيون جي ضرورت بہ آهي تہ سونهن بہ، جنهن جو شوق ڪري سگهجي ٿو ۽ مشغلو بہ بنائي سگهجي ٿو. جي ان کي هنر ۾ لڳائجي تہ دنيا ۾ ڳائجي، جي اُن سندو ڏانُ اچي وڃي تہ دنيا ئهي وڃي، ۽ اهو آهي علم.

علم جا رند پنڌ سڀني جا ڄاتل سڃاتل. جي اڪيلو ان راهہ تي هلي تہ شاگرد ۽ رَلجي پئي تہ ادارو. وري ادارا ڪيترن قسمن جا ٿين ٿا مدرسہ، اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي، تحقيقاتي انسٽيٽيوٽ بہ تہ انجمنون بہ. اڪيلي سر ڏکي هلي تہ بہ سٺو، جي گڏجي سڏجي ڪري تہ سهڻو.

اهو ئي سبب آهي تہ جڏهن سکر پهتس تہ هسٽاريڪل سوسائٽي جو قيام نهايت ضروري سمجهيم. سونهن جو شيدائي آهيان ۽ سهڻو ڪم ضروري سمجهندي همخيال ساٿين جون گڏجاڻيون شروع ڪيم. جيتوڻيڪ جو انيڪ ڪم ۽ بيشمار مصروفيتون سدائين آڏو هيون. پر دگ ڪڍڻ ئي مصروفيت مارن جو ڏانءُ آهي.

سوسائٽي هڪ ڪارائتو ڪم آهي. هڪ ٻئي جي مدد، صلاح ۽ صلاحيت سڀني شيون اٿر رکن ٿيون ۽ ماڻهو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو. ڪم ڪري ٿو ۽ ظاهر آهي جڏهن ڪم ڪري ٿو تہ نتيجا پڻ

ظاهر ٿين ٿا.

سکر هسٽاريڪل سوسائٽي هڪ سيمينار رٿيو، جيڪو ٿي رهيو آهي. سيمينار پيا ٿيندا آهن. سوچيو اهو ويو ته اهل علم ۽ شوق کي دعوت مهل سر ڏجي ته جيئن سکر جي تاريخ ۽ سماج تي تحقيق جو موقعو مهيا ٿئي. مقالا گهرايا ويا ۽ همراهن قطارون لائي ڏنيون. محبت ۽ شوق جو پنڌ هيو، ڪٿي ڪا لغزش ٿي هوندي، ڪٿي ڪا ڪمي رهجي وئي هوندي پر هڪ ڳالھ بهرحال چٽي طرح سامهون آئي ته خلوص ۽ جذبي ۾ ڪٿي به ڪا ڪوتاهي نظر نه پئي.

سيمينار کان علاوه سوسائٽي پنهنجن ميمبرن جي تحقيقي ڪاوشن کي پڻ دنيا آڏو آڻڻ جو پهه پچايو، يارن دوستن کي ڌوٽو ڏنو ويو، ميوو جام لٿو. اڄ اسان پندرنهن ڪتاب ڇاپي اهل علم جي ملاحظي لاءِ پيش ڪيون ٿا.

سکر تي ۽ سکر ۾ تصنيف ۽ تاليف جو سلسلو تاريخي طرح تمام پراڻو آهي. هتي اوائلي تاريخ به لکي وئي ته وري لغت تي پڻ طبع آزمائي ٿي. باقي رهيو بعد وارو دور ته هي خطو علم جي ميدان جي زينت لاءِ ڪيئي موقعا پيدا ڪندو رهيو آهي.

هن خطي ۾ پٿر جي دور جي انسان برصغير جا سڀني کان سٺا هٿيار ۽ اوزار ٺاهيا هيا. هي ساڳيو خطو آهي جتي علمي، ادبي ۽ تاريخي ميدان جا مرد پنهنجا بيشمار جوهر ڏيکاري پاڻ موکي ويا.

هڪ نهايت ٿوري عرصي ۾ اهڙا عمده نتيجا حاصل ٿيڻ تي خيالن جي اڏام ان سوچ تي مائل ڪري ٿي ته ضلعي سطح تي هسٽاريڪل سوسائٽي جو قيام وقت جي هڪ اهم ضرورت آهي. پر اهو ڪيئن ممڪن بڻائجي ته جيئن هر ضلعي ۾ اهڙي سوسائٽي برپا ٿئي.

جتي ضلعي سوسائٽيون نه هجن اتي سوسائٽي جي قيام لاءِ هڪ بنيادي ڍانچو ٺاهجي ته جيئن ازخود ان ڍانچي تي ڪل چاڙهي ڪيس ڪا صورت ڏئي ڪم شروع ڪري ڏجي.

جيڪي خط بي سوچ حاڪمن جي في فيض ٻوجهي هيٺان رهيا هوندا آهن اتي جا ماڻهو پڻ پنهنجو فطري ڪم ڪرڻ جو جذبو متاثر ڪري ويهندا آهن. ان ڪري اتي ازخود ڪم شروع ڪرڻ جو تصور ڏکيو آهي ۽ وري جڏهن اهو ڪم ذاتي نوعيت جو به نه هجي.

اهڙي اجتماعي فائدي واري ڪم لاءِ، اجتماعي طرح ڪم جي شروعات ڪرڻ جي ضرورت آهي. پوءِ اها شروعات پهرين ڪير ڪري يا ڪو هڪ فرد ڪيئن ڪري؟

ان لاءِ ضروري آهي ته اسان اهو طئي ڪري ڇڏيون ته ڪهڙي قسم جا فرد ان ڳالهه جا ذميوار سمجهيا ويندا ته اهي هڪ اهڙي محفل بريا ڪندا جيڪا هسٽاريڪل سوسائٽي جي پهرين نشست سڏبي.

ضلعي جي سيني ڪاليجن جا پرنسپال صاحب، ضلعي هيڊڪوارٽر جي ڊگري ڪاليج جي پرنسپال جي آفيس ۾ مهيني جي پهرين سومر تي اچي گڏجن.

ان نشست ۾ هڪ اهڙي فهرست تيار ڪجي جنهن ۾ چاتل اديب، اهل علم، روشن خيال ۽ ايماندار صحافي هڪ اڌ پڙهيو ڪڙهيو وڪيل ۽ نوجوان آفيسرن مان پهچ لائق ڪامورو شامل هجي. ضلعي ۾ موجود ليڪچرار صاحبان ۽ استادن مان متعلق استاد ۽ علم دوست شخص ضرور چونڊجن.

ان فهرست مطابق سيني کي سوسائٽي جي قيام لاءِ نينڊ ڏجي. طئي ٿيل ميٽنگ لاءِ اها ڪوشش ونجي ته سيني تائين اطلاع پهچي.

گڏيل ميڙ ۾ هسٽاريڪل سوسائٽي جي قيام جي ضرورت اجاگر ڪندي اهڙي سوسائٽي بريا ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏجي.

ڪم شروع ڪرڻ لاءِ مختلف ڪاميٽيون قائم ڪجن. جهڙوڪ سوسائٽي ۾ شموليت لاءِ متعلق ماڻهن جي سڃاڻپ ۽ انهن تائين اطلاع پهچائڻ جو ڪم، آئين جو نهڻ، ابتدائي اسٽيشنري جي تياري ۽ ڇپائي، وسيلن جي پيداوار جي ممڪن ذريعن جي سڃاڻپ، ضلعي هيڊڪوارٽر جي تعليمي ادارن ۾، سوسائٽي جي اٿاوڻي لاءِ موزون هال وغيره جي سڃاڻپ، ايندڙ ميٽنگ لاءِ تياري وغيره وغيره.

جئن ته تاريخ ۽ تمدن تي تحقيق جو ڪم فرد ڪندا آهن ۽ ڪرڻ به انهن کي گهرجي پر هسٽاريڪل سوسائٽي جو مقصد صرف اهو يقيني بڻائڻو آهي ته ضلعي اندر اهو ڪم ٿئي.

ان لاءِ اهڙو ماحول پيدا ڪجي ته تحقيقي ڪم لاءِ اتساهه پيدا ٿئي، جتي اهو اتساهه آهي ته اتي همت افزائي ڪري نتيجا حاصل ڪجن. تحقيقي ڪم لاءِ نوان رستا ۽ پيچرا تجويز ڪرڻ ۽ رستي ۾ ايندڙ رنڊڪن

ڪي وس آهر ڳهڻائڻ.

بعد ۾ ٿيل ڪم جي تشهير ۽ اشاعت. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ضلعو هڪ اهڙو بنيادي انگ آهي جتي ڪنهن به علائقي تي ڪم ڪرڻ جا گهربل هشيار ۽ اوزار موجود رهن ٿا. اسان جي سنڌ ۾ موجود ضلعن جو گهٽ تعداد گهٽ وقت اڳ وجود وٺي چڪو آهي. ان لاءِ ضلعي ۾ سرڪاري آفيسون، ڪورٽون ۽ رڪارڊ روم سڀ موجود آهن. اهي هنڌ علم جا اڻ کٽيا ماخذ آهن.

پوليس جا ٿاڻا، روينيو آفيسون هر قسم جي بنيادي معلومات مهيا ڪري ڏئي سگهن ٿيون. ساڳئي طرح ضلعي ڪورٽون ڏوهن ۽ ٻين معاملن جي اڪلاءُ جا ڪيئي اڻ ڳڻيا داستان پاڻ وٽ سانديون ويٺيون آهن.

ان هيڏي ساري رڪارڊ کي بنيادي تحقيقي ماخذ جو درجو حاصل آهي. اهو رڪارڊ نه ئي ڊويزن جي سطح تي ملي سگهي ٿو نه ئي وري صوبائي سطح تي.

ضلعي رڪارڊ روم پڻ هڪ اهم جڳهه آهي، جتي علائقائي معاملن متعلق، اهم ترين حوالا رکيل آهن.

هسٽاريڪل سوسائٽيون پنهنجن ميمبرن جي وسيلي سالن کان بند اهڙن رڪارڊ رومن جي صفائي، رڪارڊ جي ترتيب ۽ فهرست جي تياري لاءِ ضلعي ڪامورن کي پنهجون خدمتون آڇي سگهن ٿيون. نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ سهولت جو صرف اندازو ئي ڪري سگهجي ٿو، جوته نهايت اهم مواد جي موجودگي ۽ سڃاڻپ ممڪن ٿي پوندي.

هسٽاريڪل سوسائٽيون پنهنجي ضلعي اندر تعلقي جي سطح تي اهم ماڳن ۽ تاريخي مقامن جي سڃاڻپ ۽ فهرست تيار ڪري سگهن ٿيون. جنهن فهرست ۾ اهم ماڳن متعلق مختصر احوال ۽ پهچ جو رستو ڏنل هجي.

اهڙي فهرست وڏيڪ تحقيق لاءِ ميدان تيار ڪندي. ضلعي توڙي ضلعي کان ٻاهر وارا شاگرد ۽ عالم پنهنجي گهربل معاملن تي تحقيق جو دائرو وڌائي سگهندا. شوقينن ۽ دلچسپي رکندڙن جي اچ وڃ وڌندي ۽ تحقيقي ڪم جو بنياد پوندو.

ضلعي اندر موجود ذاتين جي فهرست جي تياري، جنهن ۾ انهن ذاتين جي مختلف ڳوٺن، واهڻ ۽ شهرن ۾ سڪونت جو مختصر ترين اشارو.

اهڙي فهرست انساني علمن ۾ دلچسپي رکندڙن لاءِ بيحد اهم ماخذ ثابت ٿي.

مختلف هنرن مان، ضلعي جي خاص هنرن جي ڪاريگرن جي فهرست پڻ هڪ اهم علمي ۽ تحقيقي ماخذ آهي، اهڙي فهرست جي تياري جو بندوبست ڪري سگهجي ٿو.

سوسائٽي پنهنجي ماهوار گڏجاڻين ۾، پنهنجن ميمبرن کي سونپيل ڪم، يا سندن ٿيل ڪم جو ذڪر اذڪار ڪرڻ جي روايت وجهي ۽ اهڙي ڪم جي ڪاپي پنهنجي رڪارڊ تي رکي. ساڳئي وقت اهڙي خبر جي اشاعت جو اهتمام به ڪري ته جيئن اخبارن وسيلي دلچسپي رکندڙن تائين اهو اطلاع پهچي ته ڪهڙي ڪم متعلق مضمون پڙهيو ويو يا ڪهڙي لسٽ يا معلومات ريڪارڊ تي رکي وئي ته جيئن ڪم ڪندڙ ۽ متعلق شاگرد توڙي عالم في ذٽي ڪاپي حاصل ڪري سگهن.

سوسائٽي پنهنجن ميمبرن ۽ پهچ وارن همدردن وسيلي تاريخي ۽ اهم ماڳن تي سڄاڻپ بورڊ لڳرائڻ جي ڪم جو آغاز ڪري سگهي ٿي. اهڙا بورڊ مک رستن کان نڪرندڙن رستن، ڪچن پيچرن تي پڻ لڳائڻ ضروري آهن ته جيئن دلچسپي رکندڙن جي مدد ٿئي ۽ اهڙن ماڳن تي اچ وڃ وڌي.

سوسائٽي پنهنجن ميمبرن جي لکڻين کي اخبارن ۾ اشاعت کي ممڪن بڻائي ته جيئن صوبائي ۽ ملڪي سطح تي خاص ۽ عام مستفيد ٿين.

پنهنجي ساليانې ۽ اڌ سالہ ميٽنگ لاءِ سوسائٽي ڪنهن عالم يا محقق کي ضلعي کان ٻاهران گهرائي ليڪچر جو انتظام ڪري، ته جيئن تحقيقي دائرو وڌيڪ وسيع ٿئي ۽ ميمبرن ۾ اتساهہ پيدا ٿئي، اهڙي طرح ضلعي سطح تي ماڻهن ۾ سوسائٽي جو تعارف وڌيڪ مستحڪم ٿيندو.

هسٽاريڪل سوسائٽيون موسم آهر، پنهنجن اهم ماڳن تي سير ۽ تفريح لاءِ دؤرا ۽ پڪنڪون رکن ته جيئن صحت مند ماحول پيدا ٿئي ۽ تحقيق لاءِ رغبت ٿئي.

هسٽاريڪل سوسائٽي پنهنجي وسيلن آهر، پنهنجن ميمبرن جي ٿيل ڪم جي اشاعت جو بندوبست به ڪري سگهي ٿي. جيڪڏهن وسيلا اجازت ڏين ۽ ڪنهن غير ميمبر جو ڪم اهميت وارو هجي ته ان جي اشاعت به ڪري سگهي ٿي.

يقين رکجي ته ضلعي هسٽاريڪل سوسائٽي پنهنجي مستقل مزاجي

سان ڪم ڪرڻ ڪري ايتري ته مقبول ٿيندي جو وٿس وسيلن جي ڪا اهڙي شديد کوٽ به نه رهندي. پنهنجن مختصر ترين وسيلن ۾ هسٽاريڪل سوسائٽيون بي انتها مفيد ڪم سرانجام ڏئي سگهن ٿيون.

ضلعي سطح تي هسٽاريڪل سوسائٽي جي قيام ۽ ان جي ڪم سان اسان پنهنجي ماضيءَ جي عظيم ورثي ۽ پنهنجي روايتن جي حفاظت ڪري سگهون ٿا ۽ پنهنجي سٺي مستقبل جي ضمانت حاصل ڪري سگهون ٿا.

***

موجوده جلد ۾ اسان "سکر صدين کان" سيمينار جي موقعي تي پهتل تحقيقي تحريرن کي شايع ڪري رهيا آهيون. سنڌي توڙي اردو زبان جون اهي تحريرون پاڪستان جي محترم عالمن ۽ اديبن اسان جي سڏ تي ڏياري موڪليون آهن.

سکر هسٽاريڪل سوسائٽي جي حقيقتاً اها خوش قسمتي آهي ته سوسائٽي پنهنجي رٿيل پروگرام تي عمل ڪندي اهڙو سيمينار ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي آهي. ان سيمينار جي موقعي تي سکر جي تاريخ ۽ ورثي تي پندرنهن ڪتابن جي اشاعت هڪ تاريخي واقعو چئي سگهجي ٿو.

اهڙي ڪاميابي لاءِ آءٌ سکر هسٽاريڪل سوسائٽي جي ميمبرن کي مبارڪباد پيش ڪيان ٿو.

آءٌ ڊاڪٽر نواز علي شوق ۽ محترم بخش علي لاکو صاحب جو ٿورائتو آهيان جن صاحبن مستقل مزاجي سان سيمينار جي تيارين ۾ مسلسل محنت ڪري ان کي ممڪن بڻايو.

آءٌ پنهنجن سمورن دوستن ۽ سائين جو پڻ ٿورائتو آهين جن جي ساٿ ۽ مدد جي ڪري هي سيمينار ممڪن ٿي سگهيو آهي، خاص طرح رميش لعل صاحب، ريما ڪوڪنگ آئل، جناب محمد بخش عباسي، صدر ميان آدم شاهه يادگار ڪميٽي ۽ محترم نقيب الحسنين موسوي صاحب. آءٌ محترم عبدالعزيز ميمڻ ۽ جناب تاج محمد شيخ جو ٿورائتو آهيان جن صاحبن هر قدم تي ساٿ نڀاهيو ۽ رضاڪارانه هر خدمت لاءِ راضي ٿي بيٺا.

اميد آهي ته ان سيمينار جو ثمر وڏيڪ محنت ۽ ڀرپور نتيجن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو.

**ڪليم الله لاشاري**